پروفيسر محمد شريف ”شاد“ سومرو

# مرزا قليچ بيگ جي نظم نگاري: هڪ جائزو


*Abstract*

**Evolution of Mirza Kalich Beg`s Poem Portrait**

*Poem is the most important form of the Sindhi poetry it is being written in Sindhi literature. Mirza Kalich Beg is first poet of Sindhi poem. It is first time that Mirza Sahib translate the some poems of English poets in Sindhi. Before it, tradition in Sindhi poetry come from Persian poetry, called prosodian poetry in different forms. As couplets (heroic verse) hexagonal (six lines verse) three, four, five lines verse, or large ode (Qaseedah). Mirza Sahib translate in modern forms in Persian and English prosody. It is first time introduce the word "poem" in Sindhi as different forms in Sindhi written by Mirza Kalich Beg. He has been written beautiful poems in Sindhi. In this paper I have analyses the structure of Sindhi poem along with its all patrons, introduced by Mirza Kalich Beg. Describe with proper description.*


مرزا فريدون بيگ جو ٽيون نمبر فرزند مرزا قليچ بيگ (1853ع 1929ع) جديد سنڌي ادب جو بنياد وجهندڙن مان هڪ هو. هن هر صنف نثر خواه نظم جي ميدان ۾ تخليق، ترجما، تحقيق، تاليف ۽ تاريخ جي هر موضوع تي ننڍو يا وڏو ڪتاب لکيو. اسان جڏهن ڪنهن صنف تي لکڻ لاءِ قلم کڻون ٿا، ته شروعاتي ڪوششون مرزا قليچ بيگ جون ئي ملن ٿيون. انگريز دور ۾ 1853ع ۾ جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ کي هتمي شڪل ڏني ويئي تڏهن کان وٺي، جڻ سنڌي ادب کي نئون جنم مليو، نئين سر تشڪيل ۽ تڪميل جي ڪم کي اڳتي وڌايو ويو، انهن شروعاتي عالمن ۾ ديوان ننديرام (1819ع ـ 1875ع)، ديوان ڪوڙومل کلناڻي (1844ع ـ 1916ع) جون خدمتون سرفهرست آهن. جنهن کان پوءِ انهن ۾ مرزا قليچ بيگ پنهنجو فرض سمجهي سنڌي ادب کي مالامال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جديد ٻولين سان هم آهنگ ڪرڻ لاءِ مرزا قليچ بيگ مسلسل لکندو رهيو.

1906ع ۾ قيصر هند جو لقب ماڻيندڙ 1924ع ۾ شمس العلماء ۽ خانبهادر، خطاب ماڻيو. سنڌي ادب جو ابو ۽ جديد

سنڌي ادب جو باني هو. سنڌي نثر جو بيڪن بلڪه سنڌي ساهت جي آڪاس جو چمڪندڙ ستارو نظم ۽ نثر تي يڪسان مَلڪو رکندڙ هو.

مرزا قليچ بيگ سنڌي، فارسي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ شعر چيا آهن. شاعري جي ميدان ۾ تقريباً ترجما ۽ طبعزاد ڪتاب 29 کن آهن. شاعريءَ ۾ غزل، هزل، نظم، مفردات، ڪافيون، قطعات، رباعيات، مثنوي، مخمس، مسدس وغيره تي طبع آزمائي ڪئي، جنهن ۾ ڪيترائي شعري مجموعا ڇپيل آهن. سودائي خام، ديوان قليچ ۾ غزل ۽ قصيده، مثنوي ڪشف اعجاز 1914ع، موتين جي دٻلي (رباعيات) 1914ع ۽ 1966ع ۾، چندن هار (مثنوي، قطعات) 1916ع ۽ ٻئي ڀاڱا گڏ 1959ع ۾. عجيب جواهر (ترجمو انگريزي نظمن جو) 1915ع، 1967ع ۽ 1971ع ۽ 1982ع ۾. مثنوي تي چار ڪتاب لکيل آهن.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو، ته: ”مرزا صاحب علم ادب جي خدمت ننڍي هوندي کان شروع ڪئي ۽ آخر 76 ورهين جي عمر تائين به علم ادب کي ورسائيندو رهيو. مرزا صاحب هر ڪنهن علم وَ فن ۾ قابل هو سندس جملي 350 ڪتاب آهن، (هن وقت مرزا صاحب جي ڪتابن جو تعداد 488 تائين ظاهر ٿي چڪو آهي.) جنهن مان به سو ڪتاب شايع ٿي عام شهرت حاصل ڪري چڪا آهن.“[1]

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، مرزا صاحب، کي هنر مند شاعر ڪوٺيو آهي. جنهن نظم جي مختلف هيئتن تي، مختلف موضوعن تي طبع آزمائي ڪري هنرمندي جو مثال قائم ڪيو، جنهن ڌارين ٻولين مان نظم ترجمو ڪري سنڌي ۾ متعارف ڪرايا جنهن ۾ اصل رنگ ڀريو. بنيادي طور مرزا قليچ بيگ نظم جو نئي شاعر هو. هن جي ديوان ۾ به نظم عنوانن سان پڌرا آهن.

املهه ماڻڪ پهريائين ٻن ڀاڱن ۾ 1920ع ۾ ڇپيو، ۽ پوءِ ٻئي حصا گڏ 1968ع ۾ ڇپيو. جنهن ۾ مفردات ڏنا ويا آهن. جيڪي گهڻا ترجمو آهن، ۽ ڪجهه طبعزاد به شامل ڪيا ويا آهن. مطلب ته مرزا صاحب سنڌي ادب جي هر صنف ۾ پهريون تخليقڪار ۽ مترجم رهيو آهي. سنڌي ادب کي وسيع بنائڻ ۾ پنهنجون سموريون صلاحيتون ڪتب آنديون آهن، هر صنف تي لکي

پنهنجو نانءُ تاريخ ۾ ڳڻايو. سنڌي نظم، خاص طور تي پابند نظم ۾ ته پاڻ اڳڀرا رهيا آهن. عروضي نظم ۾ سندن طبع آزمائي ٿيل هئي، پر هن جديد نظم جي تقاضائن کي ڌيان ۾ رکي نظم کي هڪ نئين صنف طور سنڌي ادب ۾ متعارف ڪرايو. جنهن ۾ انگريزي ۽ ٻين ٻولين جا نظم ترجمو ڪيا. ۽ طبعزاد نظم به لکيا. جيڪي علم عروض جي اصولن تي آڌاريل آهن. جن ۾ مڪمل نظم جي پابندي ڪيل آهي.

سندس نظم دلنشين، نصيحت ڀريا، اخلاقي ۽ سبق آموز آهن، جيڪي علم عروض جي اصولن مطابق تخليق ڪيا ويا آهن. مرزا قليچ بيگ ٻارن لاءِ به نهايت سليس ۽ سلوڻا نظم لکيا، جيڪي اڄ تائين درسي ڪتابن ۾ پڙهايا ويندا آهن.

”عجيب جواهر ۾ مرزا صاحب وري يورپ جي جديد شاعريءَ کي سنڌي ويس ڍڪايو آهي. ۽ اُن ۾ خيال جي وسعت پيدا ڪئي آهي. ”عجيب جواهر“ ۾ هن يورپ جي شاعريءَ کي سنڌي ۾ الٿو ڪيو آهي. انهن مان ڪجهه چونڊ شاعرن جا نالا ڏسو: شيڪسپيئر، لارڊ بائرن، ڪولرج، ڪيٽس، ورڊس ورٿ، والٽر اسڪاٽ، ٽينيسن ۽ ايليٽ وغيره.“[2]

مرزا اسد بيگ جي حوالي سان نصير مرزا پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو، ته ”قليچ بيگ جي شاعري ڄڻ مختلف موضوعاتي نظمن جي ڊڪشنري آهي، جنهن ۾ مهد کان لحد تائين دنيا جي لڳ ڀڳ هر موضوع تي گهٽ ۾ گهٽ به شعر يا وڌ ۾ وڌ هڪ پورو نظم ضرور موجود آهي. ڪٿي اُهو سندس پنهنجو طبعزاد آهي ۽ ڪٿي وري ترجمي جي صورت ۾.“[3]

مرزا صاحب سنڌيءَ ۾ نظم صنف کي متعارف ڪرايو، جنهن ۾ فني پختگي سان گڏ موضوع سان نباهه به آهي. مرزا صاحب بخوبي ڪامياب ويو آهي. سندس شاعريءَ جو مقصد اهو هو، ته انسان جي اصلاح ٿئي، شعر ۾ پيش ڪيل اخلاقي نڪتا اهميت رکن ٿا. شاعري ۾ مضمون سان گڏ علم بيان ۽ علم بديع، ۽ شعر جي نزاڪت ۽ سينگار جو خاص خيال رکيو ويو آهي. فني خوبي ته اِها هئي، جو هر نظم جي مٿان بحر وزن لکيو اٿس، جيئن پڙهندڙ ٻيو شاعر به فني رهنمائي حاصل ڪري. مرزا قليچ بيگ جي غزل ۾ به نظم جي جهلڪ نظر اچي ٿي. اصل ۾ قليچ بيگ

هيو ئي نظم جو شاعر جنهن ڪري هن ڪي نظم جي نين هيئتن جي تلاش هئي. جنهن ۾ غزل جي هيئت کان هٽي، مربع، مخمس، مسدس وغيره تي طبع آزمائي ڪئي. ايتري قدر جو انگريزي وزنن تي به طبع آزمائي ڪئي جنهن ۾ پاڻ لکن ٿا ته، ”عمدا خيال انگريزي شاعرن جي ڪتابن مان گڏ ڪري سنڌي شعرن ۾ پيش ٿا ڪجن. شعر جدا جدا وزنن تي آهن، تنهنڪري پڙهڻ جي سهولت لاءِ هر هڪ جي مٿان وزن ڏنو ويو آهي. ڪي ٿورا ته انگريزي وزنن تي به ڏنا ويا آهن. مضمون اڪثر نصيحت جهڙو آهي، ڪي ٿورڙيون رواجي ڳالهيون آهن.“[4]

”مرزا صاحب پنهنجي ننڍڙيءَ وَهيءَ کان وٺي پيريءَ تائين جيڪي ناٽڪي ڪتابن لاءِ عاشقانا ۽ اخلاقي شعر ٺاهيا يا جيڪي فرمائشي نظم، صوفيانا ڪلام، زماني جا تجربا، پنهنجي ڏک سک جا احوال ۽ عام واقفيتون نظم ۾ بيان ڪيون آهن، سي سڀ ٻن جلدن ۾ گڏ ڪري مٿن نالو رکيائين ”سودائي خام.“[5]

”سودائي خام“ جي نالي سان مرزا صاحب جي شعرن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ ٻين صنفن سان گڏ نظم به شامل آهن. اڪثر نظم غزل جي هيئت ۾ آهن. ڇاڪاڻ ته ان وقت غزل جي هيئت جو ڏاڪو مٿل هو. هي ڪتاب 1900ع ۾ پهريون ڀيرو ڇپيو، جنهن ۾ اڪثر نظم سندس ننڍڙي وهيءَ جا لکيل آهن ۽ پهرين ڇاپي کان وڌيڪ ٻيا شعر شامل ڪري وڌايو ويو. هت سودائي خام مان نظم جو مثال ڏجي ٿو جنهن جو عنوان آهي ”منهنجي پياري آمان“ جيڪو سودائي خام جو نظم نمبر155 آهي ۽ مخمس هيئت تي آڌاريل آهي سندس بحر متقارب مثمن سالم ۽ وزن فعولن تي آهي.

ڪئي مون تي تو نت نظرداري آمان،
تنهنجو لطف مون تي سداجاري آمان،
مڃان تنهنجا ٿورا عمر ساري آمان،
ٿيان توتان قربان سؤ واري آمان!
منهنجي پياري آمان، منهنجي پياري آمان!
مون ڪي ڪير تو، پيار مان ٿي پياريو،
ڏئي لاڏ مان لولي مون کي سمهاريو،
وجهي مون کي پاڪر تو هنج ۾ وهاريو،

مون کي سک ڏئي، پاڻ ڏک ۾ گذاريو،
منهنجي پياري آمان، منهنجي پياري آمان!
...الخ[6]

سندس باري ۾ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل" لکي ٿو، ته: "مرزا قليچ بيگ باڪمال شاعرن مان آهي جن جو مشرب صوفيانه ۽ مسلک فلسفيانو آهي پنهنجي اعليٰ مذاق ـ سخن جي باعث سنڌ ۾ بلند مرتبو رکي ٿو، هن جو ڪلام قديم ۽ جديد تخليقات جو آئينو آهي. غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته مرزا صاحب جي شاعري پراڻي ۽ نئين طرز جو وچ آهي نه صفا ڏوهيڙي جو رنگ رکي ٿي، نه صفا فارسي آميز آهي، اهو ئي سبب آهي جو سادگي رکي ٿي. تخيل ۽ مضمونن جي آورد ڪان صفا نجي آهي. سندس ڪلام مختلف نمونن ۾ ورهائي بيان ڪري سگهجي ٿو."[7]

"سنڌي نظم جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته ان جو ڍانچو قصيدي، غزل ۽ مثنوي جي سبب فارسي جي آٿر ڪري جڙيو ۽ زبان ۽ بيان جي لحاظ ڪان ابتدائي سنڌي نظم ايراني اثر جو نتيجو آهي."[8]

عروضي نظم ڪان گهٽو اڳ قديم سنڌي شاعري ۾ نظم جو لاڙو موجود هو. "در حقيقت سنڌيءَ ۾ نئين شاعريءَ جو آغاز نظم جي صنف سان ٿيو آهي. اِهو نظم پابند هجي خواهه آزاد، نئين فضا ۽ نئين فڪر جي ترجماني نظم جي شاعريءَ ۾ پيدا ڪئي ويئي آهي. سنڌي جديد نظم ۾ خارجي ۽ داخلي پهلوئن جو هڪ امتزاج نظر اچي ٿو."

سنڌي ادب ۾ نظم جي شروعات سان ئي نئين شاعري جو آغاز شروع ٿئي ٿو. جيڪو پهريائين ترجمي جي وسيلي متعارف ٿيو، جنهن جو سهرو مرزا قليچ بيگ تي اچي ٿو.

"جديد سنڌي شاعري جي هيءَ اهم صنف "نظم" پنهنجيءَ هاڻوڪي، وصف ۽ جوڙجڪ جي لحاظ ڪان ويهين صدي جي مغربي شاعريءَ جي اثر جي پيداوار آهي. جديد سنڌي شاعريءَ جي خدوخال جو جائزو وٺنداسين ته معلوم ٿيندو ته 20 صديءَ ۾ سنڌي شاعريءَ به وڏا چال ڏنا آهن پهريون مرزا قليچ بيگ ترجمن جي ذريعي مغربي نظم ۽ مغربي لاڙن ڪي سنڌي

شاعريءَ سان متعارف ڪرايو ۽ ٻيو ڪشنچند ”بيوس“، هري دلگير، شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام، سنڌي شاعريءَ کي پنهنجي ڪلاسيڪي ورثي ۽ جديد مغربي ڏارائن سان ملائي، هڪ نئون دڳ ڏيکاريو. مرزا قليچ بيگ، مغربي نظم جا ترجما ڪيا ۽ خود به طبعزاد نظم لکيا.“[9]

”شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي نالي سان سنڌي شعر ۽ ادب جو نئون دور لاڳاپيل آهي. هن انگريزيءَ جا چونڊ نظم سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا ۽ سئا طبعزاد نظم به لکيا. انهيءَ دور ۾ درسي ڪتابن ۾ قليچ بيگ ۽ پيرومل، ڪوڙومل، مسافر ۽ ٻين بزرگن جا بهترين نظم شايع ٿيا. ان طرح نظم پنهنجي الڳ صنف جي صورت ۾ پهريون ڀيرو نمودار ٿيو.“[10]

”مسلسل بيانيءَ لاءِ نظم جي نئين صنف پيدا ڪئي وئي ان جي ابتدا مرزا قليچ بيگ کان ٿي، پر نظم جي اسلوب ۽ ادائگيءَ جي طرز کي اختيار ڪرڻ بعد هيئت جي لحاظ کان اِهو شروع ۾ مثنوي ۽ غزل جي صنفن تائين محدود هو.“[11]

”مرزا قليچ بيگ کي ئي سنڌي نظم جو باني سڏي سگهجي ٿو، جنهن غزل، رباعي ۽ مثنويءَ سان گڏ انگريزي نظم (verse) جا ڪجهه منظوم سنڌي ترجما ڏيئي سنڌيءَ ۾ نظم جي گهاڙيٽي کي متعارف ڪرايو.“[12]

مرزا قليچ بيگ سنڌي شاعريءَ ۾ ”نظم“ صنف جو پهريون پيڙهه جو پٿر رکيو، مگر هن کان اڳ اسان جي قديم سنڌي شاعري ۾ نظم جا اهڃاڻ سمن جي دور کان وٺي ملن ٿا، مگر جديد نظم جي شڪل ۾ آڻڻ وارا مرزا قليچ بيگ ۽ ڪشنچند بيوس هئا.

عروضي نظم جيڪو ايراني ادب جي پيداوار آهي، جنهن سنڌي شاعريءَ ۾ وڏي تبديلي آندي. انهيءَ ۾ به خليفي گل محمد جا غزل جيڪي هيئت جي لحاظ کان غزل آهن، پر مواد ۽ موضوع جي لحاظ کان نظم آهن. مثنوي ان وقت جي نظم جو بهترين نمونو آهي.

سنڌي ادب ۾ مثنوي نظم گهٽو اڳ رائج هو، جيڪو عروضي شاعريءَ جي پيداوار آهي. عروضي شاعريءَ ۾ مثنوي اها صنف آهي، جنهن ۾ نظم جا سڀ رنگ شامل آهن. ائين ڪٿي

چئجي ته مثنوي ان زماني جو نظم هو، جنهن ۾ هر قسم جو مواد شامل ٿي پئي سگهيو. انگريزي نظم کي منظوم ڪرڻ لاءِ مثنوي واحد صنف آهي، جنهن ۾ ڊارين ٻولين جا شعر، آسانيءَ سان ترجمو ڪري سگهجن ٿا. يا نثر مان نظم ڪرڻ لاءِ به مثنوي جي صنف اهم آهي. اهڙي قسم جو تجربو مرزا قليچ بيگ ڪيو ۽ ڪجهه ناٽڪ به لکيا. پر "عجيب جواهر" جي نالي سان 1915ع ۾ شعرن جو ڪتاب جوڙيو، جنهن ۾ انگريزيءَ جي مکيه شاعرن جا انتخاب سنڌي شعر ۾ عروضي ايڪن ۾ اُٺي مثنوي جي روپ ۾ اسان تائين پهچايا. ان ۾ مختلف موضوعاتي شاعري شامل آهي. هر موضوع کي مثنوي جي روپ ۾ يا چوسٽي جي روپ ۾ آندو آهي.

"جديد شاعري لاءِ راهه، قليچ بيگ هموار ڪئي، پر ان جي پرهه ڪشنچند "بيوس" ڦٽائي."[13]

"پائنجي ٿو ته بيوس مرزا قليچ بيگ جو اثر به قبول ڪيو آهي، جنهن سنڌي شاعريءَ کي گوناگون موضوعن سان روشناس ڪرايو آهي. مرزا صاحب زندگيءَ جي هر مسئلي کي نهايت باريڪيءَ سان ڏٺو آهي. ۽ قوم جي رجحانن جو چڱيءَ طرح تجزيو ڪيو آهي. اخلاقي قدرن کي وڌائڻ ۾ قليچ هڪ نمايان حصو ادا ڪيو آهي، تنهنڪري بيوس ۽ قليچ سنڌي شاعريءَ ۾ جديد نظم جي نشاندهي ڪئي آهي. انهن غزل جي شاعريءَ کان هٽي، نظم جي ذريعي سنڌين ۾ سجاڳيءَ جي لهر پيدا ڪئي."[14]

مرزا قليچ بيگ سنڌي نظم جو پايو وڌو جنهن تحريڪ ۾ مشن کي بيوس، محمد صديق "مسافر"، ڪيئل داس فاني، حيدربخش جتوئي، قادربخش "بشير"، نارائڻ شيام، شيخ اياز، هري دلگير، اڳتي وڌايو نه صرف وڌايو پر نئين جدت به بخشي.

هدايت علي نجفي ڪيس خراج سخن ٿو ڏي

مرزا قليچ هوند ڏسي شعر منهنجو

چئي،

ديوان نجفي فخر آ سودائي خام جو.

مرزا قليچ بيگ سنڌي ٻولي جو هڪ اهڙو شاعر ٿي گذريو

آهي جنهن پنهنجي شعر وسيلي سنڌي ادب جي گهڻي خدمت ڪئي. هو پنهنجي شعر جي قدر کان چڱيءَ طرح واقف هو جيئن چيو اٿس:

نظم جي تار ۾ مضمون جا گل
پوتا قليچ،
مخزن درو گهر ساڻ مون کي
کهڙو ڪم،
نظم تنهنجو آهي گنجينئه اسرار
قليچ،
ڇا عجب باغ ۾ جي بلبليون ڳائن
سهرا.

مرزا صاحب ننڍن ٻوڙي وڏن لاءِ گهڻا ئي عجيب ۽ دلچسپ نظم جوڙيا جن ۾ نصيحت، اخلاق ۽ عبرت جا سبق ڏنل آهن. ماءُ پيءُ جي خدمت لاءِ چوي ٿو:

ادب ماءُ ۽ پيءُ جو آهي ضرور،
ڪجو ڪونه يارو انهيءَ ۾ قصور.
نه هو عقل يا زور تو ۾ جڏهن،
ڪئي پرورش تنهنجي ٿئي تن
تڏهن.
خدا آهي فرمايو ائين بار بار،
مجي حڪم پيءُ ماءُ جو ديندار.
رکي خوش هتي جيڪو پيءُ ماءُ
کي،
ملي باغ جنت جو تنهن کي هتي.

زبان جي خصلت متعلق ٻڌائي ٿو ته:

زبان مان رسي انسان کي نفعو ۽
ضرر،
زبان مان ئي اُميد ۽ زبان مان ئي
خطر،
زبان مان ئي ٿئي افتخار آدم جو،
زبان مان ٿئي انتظام عالم جو،

زبان مان ٿئي انسان نيڪ بخت
مدام،
زبان مان ئي ٿئي سو خوار ۽
بدنام.

مرزا صاحب جي نظمن مان معلوم ٿئي ٿو ته سندس اخلاق ۽ نصيحت جو انداز شيخ سعديؒ سان گهڻو ملي ٿو ۽ شيخ سعديؒ جي مطالعي سبب گهرو اثر نظر اچي ٿو. قليچ بيگ ٻارن لاءِ نرسري پوئيمس لکيا آهن، جيڪي اڳ ۾ ڪنهن به نه لکيا هئا. ٻارن جي اصلاح ۽ اخلاقي تربيت لاءِ سندس نظم پر اثر ۽ سون تي سهاڳو آهن. سندس نظم سنڌي سماج جي عڪاسي ڪن ٿا ۽ اخلاقي تربيت جو درس ڏين ٿا جنهن ڪري پرائمري توڙي ثانوي اسڪولن جي نصاب ۾ مرزا صاحب جا نظم راهون روشن ڪندڙ آهن. جن جي سادگي ۽ سليس انداز مترنم آهي. جيڪو هڪ ئي وقت دل ۽ دماغ تي اثر ڪري ٿو ۽ هميشه لاءِ ذهن تي نقش ٿي وڃي ٿو.

نظم جي حوالي سان نصير مرزا پنهنجي مقالي: ”سنڌي شاعري ۾ نون لاڙن جو ترجمان مرزا قليچ بيگ“ ۾ لکي ٿو، ته: ”مرزا قليچ بيگ صنف نثري نظم 1898ع ڌاري ٽر جي شهر مٺيءَ ۾ پنهنجي ايام ڪاريءَ وارن ڏينهن ۾ لکي هئي. ۽ پڪ سان ته پاڻ اها صنف فرانس جي نثري نظمن جي عظيم شاعرن بودليئر، رامبو، ملارمي ۽ سينٽ جان پرس جي نثري نظمن کان متاثر ٿي ئي لکي هوندائون. مرزا صاحب جو هتي مثال طور پيش ٿيندڙ نثري نظم جيتوڻيڪ هڪ اڻ ڇپيل مسودي جو حصو آهي جيڪو قليچ ڪتب خاني ۾ سندس پونئيرن وٽ موجود آهي. نظم جو عنوان آهي: مٺي.“

نصير مرزا پنهنجي مضمون ۾ مٺي عنوان سان نثري نظم ڏنو آهي، جنهن لاءِ چوي ٿو ته اهو نظم اڻ ڇپيل صورت ۾ قليچ ڪتب خاني ۾ موجود آهي حالانڪه مرزا صاحب جو نظم ”مٺي“ عنوان سان سندس ڪتاب: ”سودائي خام“ جي ٻئي ڇاپي 1910ع ۾ ص 103 تي ڇپيل آهي. جيڪو نثري نظم نه بلڪه پابند نظم آهي. جيڪو تجنيس تام ۾ موزون ڪري لکيو ويو آهي جنهن ۾ لفظ ”مٺي“ جون گهڻيون معنائون بيان ڪيل آهن. يعني

لفظ ”مٺي“ قافيي طور هر بند جي آخر ۾ ڏنو ويو آهي. جيڪو قافيو به آهي ته رديف به آهي هر مصرع ۾ مٺي لفظ جي معنيٰ مختلف نڪري ٿي. هتي انهيءَ نظم کي جيئن جو تيئن پيش ڪجي ٿو.

مِٺيءَ جي شهر ۾ هڪ ڏينهن مُونکي، ملي هڪ زال،
هو جنهن نانءُ مِٺي.

نه فقط هُئي اها نالي مِٺي پر، سندس هُئي لاتِ مِٺي
بات مِٺي.

وَٺي اُت پانهن مَستيءَ ۾ ڏني مانس، چپن تي چاهه
مان سؤ وار مِٺي.

چيومانس اي مِٺي بيشڪ مِٺي ٿُون، مِٺي مصِري به
اهڙي ناهه مِٺي.

تڏهن چڙ مان چوڻ تي چڙ مُنا چڏ، مِٺيون پيون آءٌ مُٺي
آهيان نه مِٺي.

مذڪوره نظم بحر هزج مسدس محذوف الآخر، جنهن جو وزن آهي مفاعيلن، مفاعيلن، فعولن. اهو نظم بحر وزن تي چيل آهي جنهن کي نصير مرزا صاحب نثري نظم ڄاڻايو آهي. مرزا صاحب موزون طبعيت وارو ماڻهو هو، جنهن جي سموري شاعري بحر وزن ۾ پوئيل آهي. مرزا صاحب سنڌي شاعري ۾ موزون ڪلام چوندڙ روشن ستارو هو سندس شاعري اسان جي آڏو هڪ وڏو مثال آهي. مرزا صاحب سنڌي ٻوليءَ واري مضمون ۾ پراڻي قديم شعر کي جهنگلي شعر ڪري ڪوٺيو آهي جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته مرزا صاحب غير موزون شاعري يعني علم عروض کان ٻاهر سرجي نٿو سگهي. سو نثري نظم ڪيئن لکندو؟

**حوالا:**


1. **جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر ـ سنڌي ادب جي تاريخ (جلد ٻيو) ڇاپو پهريون 2005ع ص ص 370، 371 مطبوعه: سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد سنڌ.**
2. **مرزا نصير ـ "مرزا قليچ بيگ ـ سنڌي شاعري ۾ ٽون لاڙن جو ترجمان" (مقالو) ٽماهي مهراڻ (مرزا قليچ بيگ نمبر) ــ ڊسمبر 2003ع ص 182 مطبوعه: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.**
3. **ايضاً.**
4. **مرزا قليچ بيگ شمس العلماء ـ عجيب جواهرـ ڇاپو چوٿون 1982ع ص: منڍ مطبوعه: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.**
5. **محمد صديق "مسافر" ـ قرب قليچ ـ ڇاپو ٻيو آڪٽوبر 1997ع ص 144 مطبوعه: آگم پبلشنگ ايجنسي حيدرآباد.**
6. **ايضاً ص، 75 + مرزا قليچ بيگ ـ سودائي خام (شاعري) ـ ڇاپو ٻيو 1910ع ص ص 151، 152 مطبوعه: منشي پوڪرداس ٿانورداس تاجر ڪتب شڪارپور سنڌ.**
7. **شيخ محمد ابراهيم "خليل" ڊاڪٽر ـ مرزا قليچ بيگ جي شاعري (مقالو) ـ ماهوار نئين زندگي جولاءِ 1956ع ص 13 مطبوعه: پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي.**
8. **جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر ـ سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر ـ ڇاپو پهريون مئي 1980ع مطبوعه: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.**
9. **شيخ عبدالرزاق "راز" ـ "جديد سنڌي شاعري" (مقالو قسط 4) ــ ماهوار نئين زندگي ڪراچي مارچ 1967ع ص ص 35، 37.**
10. **جويو تاج ـ "سنڌي نظم جي مني صدي" (مقالو) حصو پهريون ــ ماهوار لهرون ڪراچي. جنوري فيبروري 1997ع ص 44.**
11. **شمشير الحيدري ـ "سنڌي نظم جي اوسر" (مقالو) ـ ادبي (سنڌي) اوسر ـ مرتب خواجه غلام علي الانا ۽ زبيده شيخ ـ ڇاپو پهريون 1967ع ص 60، 61 مطبوعه: سنڌي زبان پبليڪيشن حيدرآباد.**
12. **ايضاً ص 58.**
13. **راهي ڪرشن ـ ورق سپ ويچار ـ ڇاپو پهريون 2003ع ص 81 مطبوعه: ڪماچ پبليڪيشن ٿاڻه انڊيا.**
14. **جويو تاج ـ "سنڌي نظم جي مني صدي" (مقالو) ـ حصو پهريون ـ ماهوار لهرون ڪراچي. جنوري فيبروري 1997ع ص 45.**
15. **شيخ عبدالرزاق "راز" ـ "جديد سنڌي شاعري"(مقالو قسط 4 ) ـ ماهوار نئين زندگي ڪراچي مارچ 1967ع ص ص 35، 36.**
16. **علوي شفيع محمد ـ "مرحوم مرزا قليچ بيگ جي شاعري" (مقالو قسط 2) ـ ماهوار نئين زندگي ڪراچي آگسٽ 1954ع ص 25.**
17. **مرزا نصير ـ "سنڌي شاعري ۾ نون لاڙن جو ترجمان مرزا قليچ بيگ" (مضمون) ٽماهي سنڌي ٻولي خاص نمبر "مرزا قليچ بيگ" سهيڙيندڙ تاج جويو ۽ امين لغاري ڇاپو پهريون 1997ع ص 160 مطبوعه: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد سنڌ.**

18. مرزا قليچ بيگ ـ سودائي خام ـ ڇاپو ٻيو ـ مارچ 1910ع ص 103 مطبوعه: منشي پوکرداس ٿانورداس تاجر ڪتب شڪارپور سنڌ.